Funded by the European Union

Government of Sindh

unicef for every child



# Teacher Training Module:

# Sindhi

## Learning Cycle Ten

زندگيءَ جون لساني مهارتون

Sindh Technical Assistance – Development through Enhanced Education Programme (STA-DEEP)

STEDA

Provincial Institute of Teacher Education (PITE) Sindh, Pakistan

Sukkur IBA University

THE AGA KHAN UNIVERSITY

**سِکيا جي حاصلات** : هن تربيتي سيشنَ جي پڄاڻيءَ تي سکيا وٺندڙ ان قابل ٿي ويندا ته اُهي:



زندگيءَ جي مهارتن جي وصف ۽ ان جون لساني حوالي سان سکيا جون سرگرميون بيان ڪري سگهندا.



زندگيءَ جي مهارتن جون لساني حوالي سان سکيا جون سرگرميون عملي طرح پيش ڪري سگهندا



زندگيءَ جي مهارتن جي تدريسَ بابت حاصل ڪيل معلومات تي پنهنجا تاثرَ Reflections پيش ڪري سگهندا.



## Session Plan

سيشن جي رٿابندي
Instructional strategies/activities

| Materials/resources<br>گهربل سامان/وسيلا | **Activities/learning experiences**<br>سرگرميون / سکيا جا تجربا | **Objective/purpose of the activity**<br>سرگرمي جو مقصد | **Time**<br>وقت |
|---|---|---|---|
| | 1. سيني شرڪت ڪندڙ استان کي هن تربيتي پروگرامَ ۾ ڀليڪار چئو.<br>2. پروگرام جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪريو. جنهن لاءِ شرڪت ڪندڙن مان ڪنهن هڪ کي تلاوت لاءِ سڏيو. | • ڀليڪار / شروعات ڪرڻ | 10 منٽ |
|  | ذهني آمادگي (Motivation)<br>ٻوليءَ جي بنيادي مهارتن ۽ زندگيءَ جي مهارتن کي ڳنڍائي سکيا جي سرگرمين ڏانهن اچڻ.<br>سرگرمي:<br>هڪ خالي شيٽ تي هيٺ ڏنل ڪمن جي فهرست ڀرين کان ٺئي تيار ڪري ڪلاس روم ۾ مناسب جاءِ تي لڳايو.<br>• گهر، يا اسڪولَ کان ٻاهر نڪرڻ وقت موڪلائڻ جا فقرا ادا ڪرڻ.<br>• موقعي مهل جي مناسبت سان ٺورا مڃڻ.<br>• افسوس ۽ خوشيءَ جي اظهار ڪرڻ لاءِ لفظن ۽ جملن کي ادا ڪرڻ.<br>• ٽريفڪ جا نشانَ، اشتهارن جا سائن بورڊ، بينرَ ۽ پمفليٽ پڙهي سمجهڻ. | ذهني آمادگي ڪرڻ | 15 منٽ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | • ڪتابن رسالن ۽ اخبارن جو مطالعو ڪرڻ.<br>• ڪنهن بہ تقريب، نمائش، راند، سير ۽ سفر، ميلن ۽ ملاڪڙن جو اکين ڏٺو احوال بيان ڪرڻ.<br>• معلومات يا ڄاڻ حاصل ڪرڻ کان پوءِ ياد رکڻ.<br>• گھر ۽ اسڪول جي مسئلن کي ڳالھ ٻولھ ذريعي اتفاق راءِ سان نيبرڻ.<br>• روزمره جي سماجي مسئلن، حالتن، واقعن تي آکاٽيون ۽ مضمون لکڻ.<br><br>سکيا ونندڙن کي چئو تہ چارٽ تي لکيل جملي کي ڌيان سان پڙهن ۽ ٻڌائين تہ انهن جملن ۾ ٻوليءَ جون ڪھڙيون بنيادي مهارتون موجود آهن .<br>مثال طور:<br>ٻڌڻ جي مهارت ، ڳالھائڻ جي مهارت، پڙهڻ جي مهارت ۽ لکڻ جي مهارت.<br>ٻوليءَ جي بنيادي مهارتن ۽ زندگيءَ مهارتن کي ملائي سکيا جي سرگرميءَ ڏانهن راغب ٿيڻ. | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 35 منٽ | زندگيءَ جي مهارتن جو لساني حوالي سان سرگرمين جي ڄاڻ.<br> | <br>**مهارت جو تعارف ۽ اهميت**<br>**مِني ليڪچر**<br>سکيا وٺندڙن کي ٻڌايو ته شاگردن کي زندگيءَ جون مهارتون سيکارڻ لاءِ ضروري آهي ته انهن مهارتن جي ذريعي اسان شاگردن کي زندگيءَ جي روزمره ڪاروهنوار بابت ضروري ڄاڻ ، مهارتون ۽ رويا سيکاري سنو انسان ۽ سنو شهري بڻائڻ ۾ مدد ڪري سگھون ٿا.<br>شاگردن کي اهو به ٻڌايو ته درسي ڪتابن جي سبقن جي مواد متن ۽ مشقن سان لاڳاپيل هيٺ ڏنل سرگرميون عمل ۾ آڻي سگھجن ٿيون.<br>• روزانو جو وقت نامو ترتيب ڏيڻ يعني سڄي ڏينهن جي اهم ڪمن ۽ مصروفيتن جي ترتيب ناهڻ ته ڪهڙوڪم ڪهڙي وقت سرانجام ڏيڻو آهي.<br>• پنهنجي ساٿين سان بامقصد ڳالھ ٻولھ ڪرڻ. مثال طور: ڪنهن به موضوع تي خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ.<br>• پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ. جيڪو دليلن ۽ نتيجن وارو ۽ اثرائتو هجڻ گھرجي.<br>• پنهنجي ساٿين لاءِ ڪنهن عملي ڪم يا سرگرميءَ جا اهم نڪتا ۽ هدايتون ترتيب ڏيڻ. مثال طور: وڻن پوکڻ جي مهم ۽صفائيءَ جو هفتو | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | وغيره ڪهڙيءَ ريت عمل ۾ آڻجي. اهڙيءَ طرح سان  ڪهڙاڪهڙا ڪم ڪهڙيءَ ريت، ڪهڙيءَ ترتيب سان پورا ڪيا ويندا.<br>• ڄاڻ حاصل ڪري ان کي ياد ڪرڻ ۽ ضرورت وقت ان جومناسب استعمال ڪرڻ.<br>• موقعي ۽ مهل موجب لفظ ۽ جملا ادا ڪرڻ جيئن: خوشي، غمي ۽ ڪاميابي وغيره.<br>• پاڻ کان وڏن، هڪجيڏن، پاڻ کان ننڍن, والدين ۽ بزرگن سان ڳالهائڻ جو سهڻوانداز ۽ بهتر طريقو اختيار ڪرڻ.<br>• پنهنجي پنهنجي ماحول جي صفائيءَ سترائيءَ جو خيال رکڻ.<br>• شاگردن جي سامهون ننڍا ننڍا مسئلا بيان ڪرڻ ۽ انهن مسئلن جو ڪانئن حل ڳولرائڻ ۽ معلوم ڪرڻ.<br>• روزمره زندگيءَ جي ضرورتن موجب شين خريد ڪرڻ جو طريقو سکڻ.<br>• سفر ڪرڻ لاءِ بس، وين يا ريل گاڏيءَ جا ذريعا اختيار ڪرڻ ۽ اهو ڄاڻڻ ته ڪهڙي وقت سفر ڪرڻو آهي، ڪهڙيءَ سواريءَ ذريعي سفر ڪرڻو آهي. ريل گاڏيءَ ۾ يا بس وغيره ۾ ٽڪيٽ اڳواٽ وٺبي يا هلڻ وقت وٺبي. | |
| 10 منٽ | | **BREAK** |  |

| | | | |
|---|---|---|---|
| <br>45 منٽ | زندگيءَ جي مهارتن جي لساني حوالي کان عملي مشق ڪرڻ | <br>**مشق (Practice)**<br>سرگرمي نمبر 1،<br>زندگيءَ جي مهارتن جي سنڌي درسي ڪتابن سان لاڳا پيل مشق.<br>. سمورن سکيا ونندڙن کي جوڙين ۾ ورهايو<br>. روزمره زندگيءَ جا ڇاٽايل موقعا چارٽ يا بورڊ تي لکو.<br>١ : ٿورا مڃڻ.<br>٢ : مبارڪون ڏيڻ.<br>٣ : خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ<br>٤ : موڪلائڻ<br>٥ : رستو پڇڻ ۽ رستو ٻڌائڻ<br>٦ : هدايتون ڏيڻ.<br>7 : نصيحت ڪرڻ<br>سکيا ونندڙن کي جوڙين ۾ ورهائي متي ڏنل روزمره زندگيءَ سان لاڳاپيل موقعن مان ڪنهن ٻه هڪ جي چونڊ ڪري ان تي رول پلي ڪرڻ لاءِ مڪا لما لکرايا وڃن، جن ۾ ادب ۽ احترام کي آڏو رکيو وڃي. تياري مڪمل ٿيڻ کان پوءِ هر هڪ جوڙي کان پيشڪش ڪرائي وڃي.<br>آخر ۾ ان تي تعميري راء جو اظهار ڪيو وڃي. |  |



55 منٽ



سرگرمي نمبر 2.

سکيا وندڙن کي گروپن ۾ ورهائي هينڊ آئوٽ پڙهڻ لاءِ ڏيو، ۽ کين چئو ته هر گروپ چارٽ تي لکيل عنوانن مان زندگيءَ جي مهارتن جي هڪ سرگرميءَ جي چونڊ ڪري مختصر تدريسي منصوبو تيار ڪري.

| | |
|---|---|
| گروپ پهريون | احساس جي سڃاڻپ ڪرڻ. |
| گروپ ٻيو | مهمان نواز ٿيو |
| گروپ ٽيون | رستو ٻڌايو |
| گروپ چوٿون | بازار ۾ ڇا ڇا ڏٺو ۽ ڇا ڇا خريد ڪيو |
| گروپ پنجون | اڄ اسڪول ۾ ڇا ڪيو؟ (پنهنجي ماء ۽ پيءُ کي ٻڌايو) |





| | | | |
|---|---|---|---|
| | | تدريسي منصوبو تيارڪرڻ کان پوءِ پنهنجي گروپ ۾ ان جي مشق ڪريو،<br>مشق ڪرڻ کان پوءِ پنهنجو تدريسي منصوبو ڪلاس ۾عملي طرح سان پيش ڪريو.<br>هر گروپ جي پيشڪش کان پوءِ سکياوٺندڙن کان راءِ وٺو. آخر ۾ پنهنجو تجزيو پيش ڪريو ۽ ان سان گڏ تجويزون پڻ ڏيو. | |
| <br>20 منٽ | سموري سيشنَ جي ڪاروائيءَ جو حاصل مطلب بيان ڪرڻ | **سيشن جي پڇاڙي**<br>سموري سيشن مان حاصل ٿيل ڄاڻ تي ٻڌل ڪي ڏهه سوال اڳواٽ تيار ڪري رکو پوءِ سيني سکيا وٺندڙن کي ٻن گروپن ۾ ورهايو؛<br>گروپ: "الف"<br>گروپ: " ب"<br>ٻنهي گروپن ۾ تيار ڪيل سوالن موجب ذهني آزمائش جو مقابلو ڪرايو.<br>آخر ۾ ٻنهي گروپن جي ڪارڪردگيءَ کي ساراهيندي، سيشن جي اهم نڪتن جي وضاحت ڪريو.<br>اهڙي طرح سان اجوڪي سيشن جي پڇاڙي ڪريو. |  |

هينڊ آئوٽ

# زندگيءَ جون مهارتون

1. **احساسن جي سڃاڻپ**

سکيا وٺندڙن کي عبارت "نظم يا نثر" جو چونڊيل ٽڪرو پڙهي ٻڌايو يا رڪارڊ ڪيل اسڪرين تي ڏيکاريو ۽ ٻڌرايو. پڙهي ٻڌائڻ کان اڳ سکيا وٺندڙن کي اهو ٻڌايو ته جڏهن نظم يا نثر جو مواد توهان کي پڙهي ٻڌايو وڃي ته توهان هيٺ ڏنل ڳالهين کي لکندا هلو.

. ان عبارت ۾ ڪردار ڪهڙا آهن؟

. انهن ڪردارن جا نالا ڪهڙا آهن.

هاڻي توهان انهن ڪردارن جي آوازن کي ٻڌي، انهن جي احساسن جي سڃاڻپ ڪريو ۽ هيٺ ڏنل خالي جاين تي لکوته ;

. انهن ڪردارن ۾ خوش ڪير هو؟

. ڏکايل ڪير هو؟

. ناراض ڪير هو؟

.ڪاوڙ ۾ ڪير هو ؟

. مايوس ڪير هو؟

2. رستو ٻڌايو

سکيا وٺندڙن جون جوڙيون ٺاهيو. پوءِ پرچين جي مدد سان ڪٽا وجهي،پهريون، ٻيون، ٽيون، چوٿون، ۽ پنجون نمبر ورهائي ڏيوءِ هر هڪ جوڙي جو وارو مقرر ڪريو. هر جوڙي جي هڪ ميمبر کي اکين تي ڪپڙي جي پٽي ٻڌو.جيئن ڏسي نه سگهي، ڪتاب يا ٻي ڪا شيءِ ڪنهن خاص جاء تي رکو جيڪا ان کي ڪٽي اچٽي آهي .جڏهن ته ٻيو ميمبر سندس مدد ڪندو ۽ رستو ٻڌائيندوته سِڌو هل يا مُڙي وڃ. اهڙيءَ طرح سان رکيل شيءِ تائين پهچڻ جي ڪو شش ڪندو .

هن سرگرميءَ جو مقصد آهي تہ رستو ڪيئن ٻڌائجي جو هڪ نابين انسان بہ سمجهي وڃي. خاص طور تي ساڄوءَ کاٻو, اڳتي ۽ پوئتي,اوري ۽ پري، سڌي ۽ ڦِڏي رستي جي فرق کي چڱيءَ ريت سمجهي وڃي.

3. بازار ۾ چا چا ڏنوءَ چاچا خريد ڪيو.

اوهان پنهنجي والدين سان گڏجي بازار۾ تہ ضرور ويا هوندا. ياد ڪريوتہ آخري ڀيرو اوهان ڪڏهن بازار ويا هئا اتي توهان چا چا ڏٺو ۽ڪهڙيون شيون خريد ڪيون .

شيون خريدڪرڻ وقت ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ٿيون هيون. شين جون قيمتون ڪهڙيون هيون. اهي سڀ يادگيريون تصور هيٺ ڏنل خالي جاين تي لکو.

4. اڄ اسڪول ۾ اوهان چا چا پڙهيو، پنهنجي والدين کي ٻڌايو.

اڄ جيڪو ڪجهہ اوهان اسڪول ۾ پڙهيوان کي ترتيب سان بيان ڪريو تہ اوهان اسڪول ۾ ڪهڙا ڪهڙا مضمون پڙهيا ,

ڪهڙن استادن ڪهڙا مضمون پڙهايا ,اوهان کي پڙهڻ لکڻ ڪيئن لڳو سڀ ٻڌايو.

مقامي ماحول جي پس منظر ۾ اسڪول جي ٻارن جي تصوير ڏني وڃي.

5. مهمان نواز ٿيو

توهان پنهنجي والدين سان گڏجي ڪنهن دعوت ۾ تہ ضرور ويا هوندا. اتي ميزبان توهان جو آدرڀاءُ ڪيئن ڪيو. پليڪار چئي. اوهان کي ويهاري کاڌو کارايو، شربت ۽ چانهيون پياريون اهڙيءَ طرح سان ميزبانن جيڪو توهان سان سهٺو سلوڪ ۽ سٺو رويو اختيار ڪيوانهن سيني تصورن کي ياد ڪري بيان ڪريو. هن سرگرميءَ جو مقصد آهي تہ مهمان نوازيءَ بابت ڄاڻي سگهجي.